## سملي، سيهڙيون، پارو جو وانديو، جاڳڻ واري، داريغ ۽ تنگواري ننڍن ڊئمن جي

# ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي رٿا جو خلاصو





سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (آبپاشي کاتو)

آڪٽوبر 2020


سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ

آبپاشي کاتو حڪومت سنڌ

**Irrigation Department**
Government of Sindh

SINDH RESILIENCE PROJECT
SINDH IRRIGATION DEPARTMENT

# سملي، سيهڙيون، پارو جو وانديو، جاڳڻ واري، داريغ ۽ تنگواري ننڍن ڊئمن جي

# ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي رٿا جو خلاصو

سنڌ حڪومت عالمي بئنڪ جي مالي مدد سان صوبي جي مختلف علائقن ۾ سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (ايس آر پي) تي عملدرآمد ڪري رهي آهي. هن منصوبي تي آبپاشي کاتي (ايس آءِ ڊي) ۽ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) ذريعي ڪم ڪيو پيو وڃي. آبپاشي کاتي تحت هن منصوبي ۾ (1) سنڌو درياهہ جي مٿي وارن ننڍن بندن بحالي ۽ بهتري ۽ صوبي جي سوڪهڙي يا پاڻي جي کوٽ وارن علائقن ۾ برساتي پاڻي جي ذخيرن (ننڍن ڊئمن) جي اڏاوت شامل آهن. گذريل ٻن سالن ۾ 15 ڊئمن تي ڪم شروع ڪيو ويو، جيڪي هاڻي مڪمل ٿيڻ جي مرحلي ۾ آهن. هاڻي سنڌ سرڪار صوبي جي ٻن ضلعن ۾ پاڻي جا 6 ننڍا ذخيرا (ڊئم) ناهڻ جي رٿا جوڙي رهي آهي. سملي، سيهڙيون ۽ پارو جو وانديو ڊئم ٿرپارڪر ضلعي ۾ آهن، جڏهن تہ تجويز ڪيل 3 ڊئم خيرپور ضلعي جي ناري تعلقي ۾ اچن ٿا، جن جا نالا جاڳڻ واري، داريغ ۽ تنگواري آهن.

عالمي بئنڪ جي رهنما پاليسين جون گهرجون پوريون ڪندي قومي توڙي صوبائي سطح تي لاڳو قانونن موجب ٻڌائڻ لاءِ هڪ ماحولياتي ۽ سماجي مشاهدو ڪيو ويو، تہ جيئن ايس آر پي تحت تجويز ڪيل ڪمن جي امڪاني منفي اثرن کي گهٽائي سگهجي. ضمني منصوبن کي ماحولياتي ۽ سماجي مشاهداتي فهرست ڪتب آڻيندي درجہ بندي ڪئي وئي آهي. ذيلي منصوبا امڪاني طور ماحولياتي ۽ سماجي اثر گهٽائڻ جو ڪردار ادا ڪندا، هي منصوبا بي ڪيٽيگري ۾ اچن ٿا. اُنهن کي اي ايس ايم پي ۾ منصوبي لاءِ تيار ٿيل دستاويز ۾ مخصوص ڪيو ويو، اهو دستاويز عالمي بئنڪ جو منظور ٿيل آهي. عالمي بئنڪ طئہ ٿيل ڪم لاءِ ٻاڳي بي جي منصوبي جون جيڪي گهرجون رکيون ويون، اُنهن گهرجن جي پورائي لاءِ هي اي ايس ايم پي تيار ڪيو ويو آهي.

هن اي ايس ايم پي ۾ ضمني منصوبي وارن علائقن جي مختلف طبعي، حياتياتي، سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي پاسن جي باري ۾ ڄاڻ موجود آهي. اي ايس ايم پي منصوبي تي عملدرامد دوران ننڍن اپائن جو مجموعو فراهم ڪري ٿو، ۽ ماحولياتي توڙي سماجي ناڪاري اثرن کي قبول جوڳي حد تائين ختم ڪرڻ لاءِ ڪم مهيا ڪري ٿو.

ضمني منصوبن مان هڪ منصوبو نارا تعلقي جي قبا قادر بخش ۽ چتن شاهہ جي پهاڙين ۾ واقع آهي، جڏهن تہ ٻيو منصوبو ننگرپارڪر ۾ اچي ٿو.

ناري ۾ موجود قبا قادر بخش ۽ چتن شاهہ پهاڙيون وارا علائقا ٽر سان ٻنهہ هڪجهڙائي رکندڙ آهن، ناري جو خطو سانگهڙ (ڪپرو ۽ سانگهڙ تعلقو)، خيرپور (تعلقہ: نارو، نري ميرواهہ ۽ ڪوٽڏيجي)، سکر (تعلقہ: روهڙي، پنو عاقل) ۽ گهوٽڪي (تعلقہ: ڏهرڪي، ميرپور ماٿيلو ۽ اوٻاوڙو) ضلعن جي علائقائي حصن تي مشتمل آهي. پهاڙيون ماحولياتي لحاظ ڪان ٻنهہ مختلف ٻن خطن تائين پکڙجن ٿيون، جتي سنڌو جي اولهہ ڪان ساوڪ ئي ساوڪ آهي ۽ اوڀر ۾ وري پنڊ پهڻ تي ويل واريءَ جا دڙا آهن.

منصوبن جي علائقن ۾ مقامي آبادي آبپاشي مقصدن لاءِ جر ۽ پهاڙين جو پاڻي پڻ استعمال ڪندي آهي. نارا خطي ۾ قبا قادر بخش ۽ چتن شاهہ پهاڙين جي مختلف علائقن ۾ پهاڙين مان ايندڙ پاڻيءَ جي گهرائي 80 ڪان 200 فُٽن تائين آهي. اُنهن علائقن ۾ جيڪڏهن ٻن سالن ڪان وڌيڪ عرصي تائين وسڪارو نٿو ٿئي، تہ مقامي آبادي لاءِ جر جو پاڻي بہ خُشڪ ٿي ويندو آهي. تجويز ڪيل اپائن ذريعي ناري جي علائقن قادر بخش جا قبا ۽ چتن شاهہ جون پهاڙين ۾ ننڍا ڊئم ناهيا ويندا تہ جيئن پاڻي نہ هجڻ جي صورت ۾ پهاڙين جي پاڻيءَ جو ذخيرو موجود هجي. ڊئمن ۾ ذخيرو ٿيل پاڻي ويجهڙ ۾ ايندڙ زمين ۽ اُتان جي چوپائي مال جي پيئڻ لاءِ بہ ڪتب آڻي سگهبو. تعمير ٿيل ڊانچو ٻوڏ جي وهڪرن جي رفتار ۽ شدت کي گهٽائي ڇڏيندو، اُپت جوڳي زمين جو گهڻ حصو پاڻي هيٺ ايندو، ان سان گڏ لنڪ روڊ، بجلي جا ٿنڀا ۽ مقامي انساني آبادين کي ٿيندڙ نقصانن ۾ بہ گهٽتائي آڻڻ لاءِ بہ ڪردار ادا ڪندو.

اُنهن علائقن ۾ پاڻي نہ هجڻ سبب زراعت متاثر ٿي آهي، نتيجي طور برساتي پاڻي تي اُپت ڏيندڙ علائقن جي پيداواري صلاحيت گهم جي دٻاءُ سبب گهٽجي وئي آهي. جوئر ۽ گوار خاص ڪري سانوڻي جي برساتن ۾ پوکيا ويندا آهن، جڏهن تہ جوَ ۽ ساڳ جي پيداوار سياري جي مُند ۾ ٿئي ٿي. اُن ڪانسواءِ انسانن جي استعمال لاءِ اناج اُپائڻ سميت چوپائي مال جي خوراڪ جو بہ مُکيہ ذريعو آهن.

مقامي آبادي لاءِ چوپايو مال بُنيادي ۽ مُکيہ اثاثي جيان آهي. اُنهن علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ ۽ چاري جي کوٽ چوپائي مال جي صحت کي بدترين نموني متاثر ڪيو آهي. چوپائي مال کير ڏيڻ گهٽائي ڇڏيو، جنهن جا ماڻهن جي آمدني ۽ غذائي حالت تي انتهائي منفي اثر پيا آهن. ماڻهو چارو نہ هجڻ سبب پنهنجو چوپايو مال ٻئراجي علائقن ۾ منتقل ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن، جڏهن تہ اُهي علائقا بہ پاڻيءَ جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن.

ٿرپارڪر ضلعي جي علائقي ننگرپارڪر ۾ نديا ڊئم زيرِ زمين پاڻي جي سطح ۾ اضافو ڪندا. زيرِ زمين پاڻي کي ٽيوب ويلن ۽ کوهن ذريعي پيئڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو. هن ذريعي سيڙپ جر جي سطح ۾ واڌ سان گڏ مقامي آبادي ۽چوپائي مال کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي مهيا ٿيندو. ذيلي منصوبا کنهن بہ ٽيوب ويلن ۽ واٽر سپلاءِ چئنل جي تعمير لاءِ مالي مدد مهيا نٿا ڪن. ننڍن ڊئمن جي اڏاوت جو مکيہ مقصد پاڻي ذخيرو ڪرڻ آهي، اُن ۾ زرعي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ وارو عمل جاٽي واٽي شامل نہ ڪيو ويو آهي.

سَملي، سيهڙيون ۽ پارو جو وانديو (ننگرپارڪر) ڊئمن ۾ ذخيرو ٿيل پاڻي پيئڻ، چوپائي مال ۽ گهريلو استعمال لاءِ سڌي ريت کنيو ويندو، اُن ڪانپوءِ واري مرحلي ۾ مکاني ڪاتي طرفان ڳوٺن کي پاڻي جي فراهمي يا اُن جو نظام هلائڻ لاءِ اڏاوت ڪري سگهجي ٿي.

ننگرپارڪرهڪ ريگستاني خطي ۾ واقع آهيأتي پاڻي جي کوٽ هجي ٿي ۽ ٺوٺ ٿيل زميني سطح ٻوڙن ۽ ٻوٽن تي مشتمل آهي. مُکيہ فطري ايراضي گاهن سان ڍڪيل آهي، جيڪي غذائيت سان ڀرپور مال جو چارو آهن. ٻٻر، ٽالهي، نِم، چار ۽ ڪنڊي اهڙن وڻن يا ٻوٽن ۾ شمار ٿين ٿا، جيڪي هن خطي ۾ موجود آهن. هن علائقي ۾ پاڻي جو مُکيہ ذريعو مُنڌائتي برسات آهي، جنهن سان زيرِ زمين پاڻي جي سطح وڌي ٿي ۽ زمين جي سطح تي ساوڪ اُڀري ٿي ۽ جهنگلي گاهہ ڦٽن ٿا، جيڪي چوپائي مال جو اهم چارو آهن.

هن علائقي جي ڪجهہ حصن ۾ مقامي فصل پوکڻ لاءِ برساتي گهم کي بہ ڪتب آندو ويندو آهي. برساتي پاڻي مختلف نئيُن ۾ وهي ٿو ۽ آخر ۾ رِڻ ڪڇ ۾ ڇوڙ ٿئي ٿو. ننگرپارڪر خطي جي مختلف حصن ۾ پيئڻ جي پاڻي جو مُکيہ ذريعو کوهہ آهن ۽ اُنهن جي اونهائي 70 کان 80 فُوٽ ٿئي ٿي. پاڻي جي ٻين مُنڌائتن ذريعن منجهہ مٽيءَ سان ناهيل ترايون بہ آهن، جن کي برساتي پاڻي سان ڀريو ويندو آهي. اُهي ترايون چوماسي جي مُند ۾ ڀريون وينديون آهن، اُنهن ۾ انساني آبادي ۽ چوپائي مال لاءِ 2 کان 6 مهينن تائين پاڻي موجود هوندو آهي، ۽ اهي ترايون جر جي سطح ۾ بہ اضافو ڪنديون آهن. هتي عورتون 8 کان 10 ڪلوميٽر جو فاصلو طئہ ترائن مان پاڻي ڀرينديون آهن. ايس آر پي تحت ننگرپارڪر جي علائقي ۾ 3 ننديا ڊئم سملي، سيهڙيون ۽ پارو جو وانديو تجويز ڪيا ويا آهن. اهي ڊئم ڳوٺ ڪارڙيون، ڳوٺ سيهڙيون ۽ ڳوٺ سودراڻ ۾ آهن، جيڪي ٿرپارڪر ضلعي جي تعلقي ننگرپارڪر ۾ واقع آهن. تجويز ڪيل ڍانچا پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ جو مسئلو حل ڪندا ۽ مقامي آبادي کي ڏکهي مُدي لاءِ سڄو سال نسبتن منو پاڻي مهيا ٿيندو. ڊئمن جي اڏاوت سان مجموعي طور 12890 مردن ۽ عورتن کي فائدو پهچندو، جيڪي 1821 گهراڻن تي مشتمل آهن، جڏهن تہ نارا جي علائقي ۾ 3560 مردن ۽ عورتن کي فائدو رسندو، جيڪي 490 گهراڻن تي مشتمل آهن، ۽ ننگرپار ڪر واري علاقي ۾ 9330 مردن ۽ عورتن کي فائدو ٿيندو، جيڪي 1331 گهراڻن تي مشتمل آهن.

گذريل 3 کان 4 سالن تائين برسات نہ پوڻ سبب ٿرپارڪر سوڌو سنڌ جي ٻين ريگستاني علائقن ۾ ڏڪار واريون حالتون رهيون آهن. ايف اي او ۽ اِي يو طرفان 2017ع ۾ ڏڪار بابت ڪيل سروس موجب، ٿرپارڪر جا 100 سيڪڙو علائقا پاڻيءَ جي اڻھوند واري سنگين صورتحال کي منهن ڏئي رهيا هئا. اهڙي ريت 2018ع ۾ چوماسي جي برسات نہ پوڻ سبب اها صورتحال اجا وڌيڪ سنگين ٿي وئي. قومي سطح تي برسات پوڻ جو ڪاٽو ڪاٽو 24.4 سيڪڙو کان گهٽ لڳايو ويو، جڏهن تہ سنڌ سڀ کان وڌي متاثر رهيي، جتي برسات پوڻ جو ڪاٽو ڪاٽو 69.5 سيڪڙو کان بہ گهٽ هو. اهڙي صورتحال علائقن ۾ مقامي آبادي جي زرعي ۽ گهريلو ضرورتن تي بنھ هاجيڪار اثر ڇڏيا آهن، جنهن سان ٻارن ۾ غذائي کوٽ ۽ غربت ۾ اضافو ٿيو آهي. رڳو ٿرپارڪر ضلعي ۾ 2018ع جي آگسٽ مهيني دوران 9 تازن ڄاول ٻارڙن جون غذائي کوٽ وگهي فوتگيون رپورٽ ٿيون آهن، جڏهن تہ سال 2018ع دوران غذائي کوٽ وگهي فوت ٿيل ٻارن جو مجموعي انگ 375 آهي. فصلن جي اُپت ۾ گهٽتائي سبب غذائي کوٽ جو مسئلو ايترو تہ سنگين ٿي ويو، جو مقامي آبادي بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ الھ تلھ وڪرو ڪرڻ تي مجبور ٿي وئي. هتي پيئڻ جي صاف پاڻي تائين پهچ گهٽ هجڻ سبب مقامي آبادي ۾ خراب پاڻي واپرائڻ سبب بيمارين ۾ اضافو ٿيو ۽ سندن صحت داءُ تي لڳي وئي.

پاڪستان جي موسميات کاتي طرفان جوڳيون برساتون نہ پوڻ واري اڳڪٿي جومطلب آهي تہ صورتحال ايڏي خراب ٿي ويندي جو وسيلا اجا بہ گهٽجي ويندا. فصل جي پوکي ۾ گهٽتائي اچڻ جو سلسلو جاري رهندو، جڏهن تہ چوپائي مال مرڻ جي شرح ۾ اضافو ٿي ويندو. مقامي ماڻهن جي صحت، پاڻي ۽ خوراڪ جي فراهمي گهٽجڻ جي صورت ۾ وڌيڪ متاثر ٿيندي.

ذيلي منصوبن لاءِ ڪابہ خانگي زمين گهربل نہ هوندي، ڇاڪاڻ جو نئيون ۽ نالا سرڪاري ملڪيت ۾ اچن ٿا. اُن سان گڏ ڪنهن بہ ڍانچي کي ڊاهڻ وارو ڪم شامل نہ آهي ۽ نہ ئي وري ڪنهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جي ضرورت هوندي. ذيلي منصوبن جا علائقا گهٽ آبادي وارن علائقن ۾ اچن ٿا ۽ اُتي آبادي ٽِڙيل پکڙيل آهي.

ڪيمپ جي تعمير لاءِ رڳو نجي يا سرڪاري ملڪيت ۾ آيل زمين جي عارضي استعمال، ڊئم جي تعمير لاءِ گهربل مٽي جي کوٽائي، ٻاهرين مزدورن جي آمد، نباتات جي نقصان، گندڪچرو ۽ ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي صحت سبب سماجي توڙي ماحولياتي اثر پئجي سگهن ٿا، جنهن لاءِ ماحولياتي ۽ انتظامي رٿا (اي ايس ايم پي) تيار ڪئي وئي آهي.

ذيلي منصوبن ۾ 10 کان 15 فوٽ اونچا مٽيءَ جا بند ناهڻ ۽ اسپل ويز وارو سيمينٽ جو ڍانچو شامل آهن. اڏاوتي ڪم سان لاڳاپيل اثر، جهڙوڪ فضائي ۽ آواز جي گدلاڻ ۽ ماڻهن جي وسيلن جي استعمال جا اثر اي ايس ايم پي تي بهتر عملدرآمد ڪرڻ سان گهٽائي سگجن ٿا. اُن سان گڏ، ڊئمن جي ذيلي منصوبن جي تعمير سان ماحولياتي صورتحال، جهڙوڪ ٻوٽن ۽ جانورن تي ڪي بہ منفي اثر نہ پوندا، بلڪہ اِن سان ماحولياتي حالتن ۾ ڊگهي عرصي تائين سُڌارو ايندو. بهرحال، اڏاوتي ڪم جي عرصي ۾ ٺيڪيدار کي رپورٽ ۾ تجويز ڪيل اپائن تي سختي سان عمل يقيني بڻائڻو پوندو.

مشينري ۽ گاڏين جي مناسب جانچ توڙي سار سنڀال سان امڪاني ناڪاري اثرن کي گهٽائي سگهجي ٿو، اُنهن اپائن ۾ ڳري مشينري جو آواز بند رکڻ واري اوزار يا مفلر جو استعمال، ڪچن رستن تي ڇٽڪار، اڏاوتي ملبي/

گندگڪچري ڪي فوري هٽائڻ سان خراب اثرن تي ضابطو، پاڻي ڪي گدلو ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ مناسب ذخيري جو انتظام ڪرڻ، استعمال ٿيل تيل ڪي نڪاڻي لڳائڻ ۽ گدلي پاڻي ڪي صاف ڪرڻ جو انتظام شامل آهن، جڏهن ته اُنهن اپائن ۾ صفائي جي نظام ۽ گندگي ڪي ميڙي مسلسل صفائي ڪرڻ شامل آهن.

ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي صحت ۽ تحفظ ڪي جِن اپائن ذريعي يقيني بڻايو ويندو، اُنهن ۾ حادثن يا بيمارين جي روڪٿام لاءِ لڳاتار معائنو، مزدورن ۽ آبادي ۾ جاڳرتا، صفائي جو بندوبست، ڪورونا ڪي منهن ڏيڻ لاءِ انتظام، نگراني ۽ بچاءَ جو طريقو، هنگامي حالتن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ اپاءَ ۽ طريقيڪار، صفائي جي مناسب سهولتن جي فراهمي، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ مزدورن ڪي ڪچري جي دٻن جي فراهمي ڪرڻ شامل آهن. ذيلي منصوبا هن اي ايس ايم پي ۾ شامل قدم کڻڻ ڪانپوءِ علائقي جي طبعي، حياتياتي، سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي صورتحال تي ڪي بہ منفي اثر نہ ڇڏيندا. البتہ، اِن سان غيرمعمولي مثبت اثر ضرور پوندا، جنهن سان علائقي ۾ پائيدار ترقي ٿيندي.

اُن سان گڏ اهو ادارتي انتظامن جو هڪ خاڪو بيان ڪري ٿو، جنهن ۾ منفي اثر گهٽائڻ لاءِ گهربل قدم کڻڻ، اُنهن جي نگراني، فيلڊ واري عملي جون صلاحيتون وڌائڻ لاءِ تربيت جو بندوبست ڪرڻ، ڪم ۽ خرچ جو ڪاٿو، ۽ شڪايتن جي ازالي وارو طريقيڪارشامل آهن. مقامي ماڻهن ۽ سمورين لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورا ڪري هي دستاويز (اي ايس ايم پي) تيار ڪيو ويو آهي.

ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جي حوالي سان لڳاتار نگراني ڪئي ويندي، تہ جيئن منفي اثرن گهٽائڻ وارن اپائن تي لڳاتارءِ اثرائتي نموني عملدرآمد ڪي يقيني بڻائي سگهجي. جِن مٿان ٽن سطحن تي عملدرآمد ڪيو ويندو. پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم (پي ايم ٽي) جي سطح تي ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جا ماهر نگراني ڪندا، تہ جيئن اِن ڳالھ جي خاطري ٿي سگهي تہ رٿا تي اثرائتي نموني عملي ٿي رهيو آهي ۽ اِن سلسلي ۾ هو تسلسل سان ڊئم جي اڏاوت وارين جاين جا دورا بہ ڪندا. جڏهن تہ فيلڊ جي سطح تي پروجيڪٽ امپليمينٽيشن ڪنسلٽنٽس (پي آءِ ايس ايس سي) طرفان وڌيڪ تسلسل سان نگراني ڪئي ويندي. ٽئين سطح تي پي آءِ ايس ايس سي ۽ پي ايم ٽي جَي اي ايس ايم يو طرفان اي ايس ايم پي تي عملدرآمد جي حوالي سان ماهوار، ٽہ ماهي ۽ ساليانيون رپورٽس تيار ڪيون وينديون.

سنڌ ريزيلينس پروجيڪٽ (ايس آر پي) ۽ اي ايس ايم پي تي عملدرآمد ڪرڻ جي ذميواري پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم (پي ايم ٽي)، آبپاشي کاتي سنڌ حڪومت تي آهي، جنهن جو سربراھ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي. پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم ڪي ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي يونٽ جي مدد حاصل آهي، جيڪو پي ايم ٽي ۾ ئي قائم ٿيل آهي. پي ايم ٽي طرفان پروجيڪٽ امپليمينٽيشن، سپورٽ اينڊ سپروِيئن ڪنسلٽنٽس (پي آءِ ايس ايس سي) جون خدمتون بہ حاصل ڪيون ويون آهن، جيڪي ڊئمن جي اڏاوت جي نگراني جا ذميوار آهن.

پي آءِ ايس ايس سي وٽ اي ايس ايم پي تي ڪم ۽ اُن جي نگراني لاءِ سماجي ۽ ماحولياتي تحفظ جا ماهر موجود آهن. آخر ۾ تعميراتي ٺيڪيدار بہ صحت، ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جا انسپيڪٽر/آفيسر بہ مقرر ڪندو، جيڪي منفي اثرن ڪي گهٽائڻ وارن اپائن تي عمل ڪرائڻ جا ذميوار هوندا، جيڪي هِن اي ايس ايم پي ۾ بيان ڪيل آهن. اِن مقصد لاءِ اڏاوتي معاهدي يا ٺيڪي ۾ مناسب شقون شامل ڪيون وينديون. پي ايم ٽي طرفان ماحولياتي ۽ سماجي نگراني لاءِ صلاحڪارن جون خدمتون حاصل ڪيون آهن، جيڪي پنهنجي طور ذيلي منصوبن جي سرگرمين جي نگراني ۽ تصديق ڪندا.

اِن ڳالھ جو ڪاٿو ڪيو ويو آهي تہ جاڻايل 6 منصوبن لاءِ 90 وڏن جي واڌي ڪئي ويندي، وڌيل وڏن جي پيٽ ۾ 5 پيرا وڏيڪ وڏ پوکڻ لاءِ هڪ هزار رُپيا في وڏ جي حساب سان ساڍا 4 لک رُپيا خرچ ايندو. اي ايس ايم پي تي عملدرآمد لاءِ مجموعي طور 118،271،440 رُپيا بجيٽ مخصوص ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ڪورونا کان بچاءُ جا انتظام بہ شامل آهن. جڏهن تہ هر ڊئم تي مقامي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ هڪ ڪروڙ رُپيا پڻ رکيا ويا آهن. هي رقم هر ڊئم جي اي ايس ايم پي ۽ بي او ڪيو ۾ عارضي رقم طور شامل ڪئي وئي آهي.